# سنڌ جي ڪهاڻي سيد جي زباني

جي. ايم. سيد

# سنڌ جي ڪهاڻي
# سيد جي زباني

چوند تقريرون

۽

بيان

نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچيءَ وٽ محفوظ آهن

[ ڇاپو پهريون          تعداد: هڪ هزار ]

مارچ
١٩٧٥ع

قيمت:
١٨.٠٠ روپيا
ارڙهن
رپيه

هي ڪتاب نئين سنڌ پبليڪيشن طرفان، نئين سنڌ پريس،
ابراهيم منزل، آءِ- آءِ- چندريگر روڊ، ڪراچيءَ مان ڇپرائي،
پبليڪيشن جي آفيس مان پڌرو ڪيو ويو.



# جي. ايم. سيد

## فهرست


١- تعارف ٥

٢- اليڪشن جي موقع تي ريڊيو تان نشر ڪيل تقرير. ٧

(نومبر ١٩٧٠ع ڪراچي)

٣- ٦٩ سالگره جي موقع تي ڪيل تقرير ٢١

(١٧ جنوري ١٩٧٢ع سن)

٤- ٤ مارچ جي سالگره جي موقعي تي بسنت هال ۾ ڪيل تقرير. ٣١

(٤ مارچ ١٩٧٢ع حيدرآباد)

٥- سنڌ جي گشت تي روانو ٿيڻ وقت ڏنل بيان. (٣١ جولاءِ ١٩٧٢ع ڪراچي) ٤١

٦- جشن لطيف جي موقعي تي ميرپوربٺوري ۾ ڪيل تقرير. ٤٧

(١٤ مئي ١٩٧٢ع ميرپوربٺورو)

٧- گشت ۾ ميرپور بٺوري ۾ ڪيل تقرير ٥٢

(١ آگسٽ ١٩٧٢ع ميرپوربٺورو)

٨- گشت ۾ حيدرآباد ۾ پرگڙي هائوس ۾ ڪيل تقرير. ٦١

(٣ آگسٽ ١٩٧٢ع حيدرآباد)

٩- ٤ مارچ جي سالگره تي هارون ڪاليج ۾ ڪيل تقرير. ٦٧

(٤ مارچ ١٩٧٣ع ڪراچي)

١٠- ٤ مارچ جي سالگره تي سنڌي مسلم هاءِ اسڪول هاسٽل جي موقع تي ڪيل تقرير. ٧١

(٤ مارچ ١٩٧٣ع حيدرآباد)

١١- سنڌي شام سنڌ يونيورسٽي جي موقع جي موقعي تي ڪيل تقرير. ٨١

(٣١ مارچ ١٩٧٣ع سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس

١٢- سپيريئر سائنس ڪاليج خيرپور ميرس جي موقع تي ڪيل تقرير. ٩١

(٢٠ اپريل ١٩٧٣ع خيرپورميرس)

# تعارف

هن ڪتاب ۾ جناب سيد غلام مرتضيٰ شاه عرف جي- ايم- سيد جي تازين ڪيل تقريرن ۽ بيانن جو مجموعو ڏنل آهي.

شاه صاحب جي ناليِ کان ڪير واقف نه آهي. ليڪن جنهن صورت ۾ هي مضمون آئينده تاريخ جو حصو بنجي انهن نوجوانن اڳيان پيش ٿيندا جي شايد صاحب جي سوانح حيات کان پوريءَ طرح واقف نه هجن. ان ڪري مختصر طور سندس زندگيءَ جو احوال ناظرينن جي واقفيت لاءِ پيش ڪجي ٿو.

سيد صاحب مٽياري سيدن جي خاندان مان سنائي سيدن جي درويش شاه حيدر عليہ رحمت جو ١٤ پيڙهي سجاده نشين آهي.

پاڻ ١٧ جنوري ١٩٠٤ع تي ڄائو هو. پاڻ اڃان ١٦ مهينن جو هو ته سندس والد شهيد ٿي ويو. ساري ڪٽنب ۾ ٻيو ڪو مرد نه هئڻ ڪري هن کي تعليم لاءِ ٻاهر موڪلي نه سگهيا ۽ سندس تعليم اڌوري رهجي ويئي تنهنڪري صرف سنڌي، فارسي، عربي ۽ انگريزيءَ مان ابتدائي واقفيت حاصل ٿيس.

پاڻ ١٩٢٠ع کان پهريون خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪ ۾ شامل ٿي سياست ۾ گهڙيو پوءِ ١٩٢٥ع کان ڪراچي لوڪلبورڊ، ميونسپل ڪراچي، پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ادارن ۾ ڪم ڪرڻ سان انتظامي تربيت حاصل ڪئي.

١٩٣٧ع کان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر طور مکيه ڀاڱو ورتو.

١٩٤٠ع ۾ ڪجهه عرصي لاءِ وزير تعليم به ٿي رهيو.

پاڻ خلافت، ڪانگريس، مسلم ليگ، خاڪسار، اتحاد پارٽي، نيشنل عوامي پارٽي، متحده محاذ ۽ جيئي سنڌ تحريڪن ۾ رهي سياسي ڪم ڪيو آهي.

پاڻ سياستدان هئڻ جي باوجود گهڻن ڪتابن جو مصنف به آهي. پاڻ ٤٠ کن ڪتاب لکيا آهن جن مان ڪيترا ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪيترا ڇپائي هيٺ آهن.

پاڻ سياست عمل جو پوئلڳ نه آهي بلڪ سنڌس سياست جو بنياد ڪن نظرين ۽ اصولن تي پئي رهيو آهي. جنهنڪري سندن اڪثر زندگي مخالفت ۽ مشڪلاتن ۾ پئي گذري آهي.

هن وقت تائين اٽڪل سا ڍا ١٣ سال جيل ۽ نظربنديءَ جون صعوبتون ڪاٽي چڪو آهي. اڄان تائين نظربند آهي. سنڌس ڏوهه سنڌين کي جدا گانه قوم سمجهي ان جي سياسي آزادي، اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچرل ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ آهي.

مطلب ته لوڪ لاهوارو وهي، هي اوبارو وهي رهيو آهي.

خدا سائين تندرستي ۽ توفيق ڏئيس.

محمد عثمان

# جي- ايم- سيد جي نشري تقرير

هيءَ تقرير گذريل اليڪشن کان اڳ، نومبر ١٩٧٠ع ۾ سائين جي-ايم- سيد پارٽي پروگرام جي وضاحت لاءِ سنڌ متحده محاذ جي صدر جي حيثيت ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان پيش ڪئي هئي.

سنڌ متحده محاذ جنهن جو آءٌ صدر آهيان هڪ سياسي تنظيم آهي جنهن جا اغراض ۽ مقاصد هيٺينءَ ريت آهن.

(١) پاڪستان جو استحڪام، سلامتي ۽ خوشحالي.

(٢) پاڪستان ۾ جمهوري وفاقي حڪومت جو قيام جنهن جي صوبن کي ١٩٤٠ع جي قرارداد پاڪستان مطابق وفاقي يونٽن جي حيثيت سان خود مختاري حاصل هجي.

(٣) پاڪستان جي عوام خاص ڪري اهل سنڌ جي معاشي، سياسي ۽ سماجي حقن جو تحفظ ۽ سنڌين معاشي، سياسي، ثقافتي ۽ لساني حقن جي بحالي ۽ فروغ.

(٤) مساوات، اظهار خيال جي آزادي ۽ انجمن سازي جي بنياد تي سڀني شهرين جي بنيادي حقن جي حمايت.

(٥) پارٽي جي منشور ۽ انهن پروگرامن مطابق چونڪي

نمائندگي حاصل هجي، جيئن استحصال جو خاتمو ٿي سگهي.

(۴) سنڌ جي سڀني سرڪاري ۽ غير سرڪاري ملازمتن ۾ صرف سنڌ جي مستقل رهاڪن جو تقرر ڪيو وڃي.

(۵) بئراج جي علائقن ۾ زمين جي ملڪيت جي حد پنج سؤ چاليهه ايڪڙ ۽ غير بئراج واري علائقن ۾ چار سؤ ايڪڙ مقرر ڪيا وڃن، جن ماڻهن وٽ ان کان زياده زمين هجي انهن کي مناسب معاوضو ڏئي ڪانئن زائد زمين واپس ورتي وڃي.

(۶) اهڙيءَ طرح حاصل ڪيل زمين ۽ سرڪاري زمين کي هارين ۾ آسان قسطن تي ورهايو وڃي. بئراج جي علائقي ۾ هر هاري کي اٺيتاليهه ايڪڙ ۽ غير بئراج واري علائقي ۾ هڪ سؤ ڇهانوي

# ٦٩ سالگرهه جي موقع تي تقرير

## جي. ايم سيد

## ١٧ جنوري ١٩٧٢ع

هيءَ تقرير شاهه صاحب سندس سالگره جي موقع تي سن ڳوٺ ۾ سڏايل مجلس اڳيان ڪئي هئي.

عزيزان من!

اسلام عليڪم:- هن مجلس ۾ شريڪ ٿيندڙ جملي صاحبن جو شڪريو ادا ڪريان ٿو.

دوستو! گذريل سال پاڪستان لاءِ نحس ثابت ٿيو. اليڪشن ڪان پوءِ اميد هئي ته حڪومت جون واڳون عوام جي حوالي ٿينديون پر ائين نه ٿيو. اڪثريتي پارٽيءَ کي واڳ ڏيڻ جي عيوض ٢٥ مارچ ١٩٧١ع تي ملٽري سڌو قدم کڻي حالتون نازڪ بنائي ڇڏيون، سڄا سارا نو مهينا بنگال ۾ سول وار جاري رهي. لکين ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪروڙ کن ماڻهن ملڪ ڇڏي وڃي ڀارت ۾ پناهه ورتي. ٣ ڊسمبر ٧١ع تي جنگ مغربي پاڪستان طرف به ڇڪجي آئي. ٦ ڊسمبر تي ڀارت بنگال جي عوامي ليگ حڪومت کي تسليم ڪندي، ڪليو ڪلايو اوڀر پاڪستان تي لشڪر موڪلي حملو ڪيو. نيٺ ١٦ ڊسمبر ٧١ع

٣- مخلص ڪارڪنن تي مشتمل خدام سنڌ جا جٿا تيار ڪن.
منهنجي سمجهه موجب نئين صدر جي همٿ هيٺ عوام کي آخري موقع مليو آهي ته ملڪي مسئلن کي حل ڪرائين نه ته پاڪستان پرزا پرزا ٿي ويندو.

جيئن ته صدر جي چوطرف ڪيئي ماڻهو ڦريا بيٺا آهن، انڪري موثر تجويزون ان تائين پهچائڻ لاءِ عوامي آواز پيدا ڪرڻو پوندو.

جيئي سنڌ.

# حيدرآباد ۾ ۴ مارچ ۱۹۷۲ع تي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي تقريب تي مسٽر جي- ايم- سيد جي

### ڪيل تقرير ۽ پاس ڪيل ٺهراءَ

## سنڌ جي حقن جو چارٽر

عزيز دوستو! اسلام عليڪم - جيئي سنڌ!

اڄوڪو ڏينهن سنڌو ديش جي تاريخ ۾ نهايت اهميت رکندڙ آهي. هن تاريخ تي ۵ سال اڳي اسان جي ديش جي ستل قومي روح بيدار ٿي سنڌس وجود جي بحاليءَ لاءِ نوجوانن ذريعي قربانيون ڏئي ثبوت پيش ڪيو. شڪر آهي ته موجوده سرڪار به، ان حقيقت کي تسليم ڪري اڄوڪو ڏينهن چٽي ڪيو آهي. ڪره ارض تي سرزمين پاڪ و هند ۾ سنڌو ديش هڪ مستقل جاگرافيائي خطي جي حيثيت رکي ٿو. انجو وجود قدرت جو پيداوار آهي. ان جون روايتون تواريخي آهن. سنڌو درياهه ان جي جسم جي شريان آهي. عربي سمنڊ ان جو پاسبان آهي. ان جا پيلا، ڍنڍيون، جبل، ٿرون ۽ ميدان طبعي ارتقا ڪري وجود ۾ آيل آهن. سندس زمين زرخيز، ماڻهو سڀاجهڙا ۽ محبتي آهن. مخالفن لاءِ ڦهري تلوار ۽ دوستن لاءِ ٿڌو ڪهڙو آهن. ”اشداءُ علي الڪفارِ رحماءُ بينهم“ جو زنده مثال آهن.

٤. سنڌ اندر وصول ٿيندڙ سيلس ٽيڪس.

بيءَ حالت ۾ اسان حق بجانب ٿينداسون ته انهيءَ حق جي حصول لاءِ پر زور تحريڪ هلايون.

## ٺهراءُ نمبر ٥

سنڌي شاگردن، دانشورن، عوامي نمائندن ۽ عام ماڻهن جو هي مجموعو پاڪستان جي صدر کان پر زور مطالبو ٿو ڪري ته:

جنهن صورت ۾ اها حقيقت آهي ته سنڌ جي اڳوڻي ظالم ۽ سنڌي دشمن ڪمشنر مسرور حسن اچوڪي ڏينهن تي سنڌي شاگردن جي پر امن مظاهري تي لٺيون هڻائي، هنن کي رتو ڇاڻ ڪري جيلن ۾ موڪليو هو. هنن جو ڏوهه صرف سندن حقن جي گهر ڪرڻ هو.

ان حالت ۾ اهڙي ظالم ڪمشنر کي يڪدم نوڪري کان برطرف ڪري انڪوائري بعد سخت سزا ڏني وڃي.

٢. جنهن صورت ۾ موجوده حيدرآباد ڊويزن جي ڪمشنر جون سنڌي دشمن حرڪات زبان زد عام آهن، تنهن ڪري يڪدم هن کي سنڌ کان ٻاهر ڪڍيو وڃي ۽ انڪوائري ڪرڻ بعد جيڪڏهن مٿس تهمتون ثابت ٿين ته نوڪريءَ کان برطرف ڪيو وڃي.

* * *

ڀي ڪنداسون. هيءَ ڏرتي صوفين جي ڌرتي آهي.

آءٌ سڄائي سنڌ جي دوري تي وڃي رهيو آهيان. منهنجو مقصد سنڌ جي ماڻهن کي سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن کان آگاهه ڪرڻ آهي. ممڪن آهي موجوده حڪومت انهن حقيقتن کان خائف ٿي منهنجي ان دوري جي راهه ۾ رڪاوٽون ڪڙيون ڪري. پر مونکي اهڙين رڪاوٽن جي ڪابه پرواهه نه آهي. جيڪڏهن مون سان ڪوبه اهڙو واقعو پيش آيو ته هي سچ جو جهنڊو منهنجن ساٿين جي هٿن تائين پهچي ويندو ۽ هو ان جهنڊي جي وقار ۽ بلنديءَ خاطر آخري دم تائين جدوجهد ڪندا رهندا.

# سنڌو ديش مهان

[ميرپور بٺوري ۾ ١٤ مئي تي جشن لطيف جي موقعي تي محب سنڌ محترم جي- ايم- سيد جي ڪيل صدارتي تقرير پيش ڪجي ٿي.]

محبان لطيف:

لطيف سنڌو ديش جي پنج هزار سالہ تاريخي ڪلچر جو علمبردار آهي. لطيف سنڌ جو روح روان آهي. سنڌ لطيف کانسواءِ بي جان آهي جيڪڏهن اوهان محب سنڌ ٿيڻ گهرو ٿا ته لطيف جي پيغام جي سچاڻپ ضروري اٿو. ان جو پتو هن مان پوندو ته:

(١) اوهان سنڌو ديش جي محبت رکندا هجو.

(٢) اوهان سنڌي قوميت جي نشي ۾ سرشار ٿيو.

(٣) اوهان کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ پيار هجي.

مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين کانسواءِ اوهان کي لطيف جي درٻار ۾ داخلا ملي نہ سگهندي. انهيءَ محبت جي ڪسوٽي هي ٿيندي تہ اوهان صدق دل سان وعدو ڪريو تہ:

(١) سنڌو ديش کي غيرن جي سياسي تسلط اقتصادي استحصال ۽ ڪلچرل غلبي کان بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪندا.

# سنڌ جي گشت وقت ڀورين آگسٽ ۱۹۷۲ع
# تي رات جو ميرپور ٻٺوري ۾ ڪيل تقرير

عزيزو. اسلام عليڪم:

پوڙهپڻ ۽ سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ جي باوجود يوسف جي خريدارن جي لسٽ ۾ نالي لکائڻ خاطر اچي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيو آهيان.

حقيقت ۾ عزيزم حفيظ قريشيءَ جي تقرير کانپوءِ منهنجي تقرير جي ضرورت نه هئي. ليڪن اوهان جي اصرار تي چند الفاظ چئي رهيو آهيان.

اڄ جڏهن به ميرپور ٻٺوري ۾ ايندو آهيان ته هن سر زمين جو مون تي اثر پوندو آهي. ڇونه پوي! هي شهر قديم سومرن جي گاديءَ، شاه عبدالڪريم بلڙي ۽ شاه عنايت صوفي جي مرڪز ۾ آهي.

سڄاول وارو سيد حاجي عبدالرحيم شاه منهنجو سياسي سرپرست ٿي رهيو هو.

هن شهر جي رهاڪو سيٺ محمد جعفر خواجه کان مون سياست جا ابتدائي سبق سکيا هئا، تنهنڪري هتي رواجي سوالن تي گفتگو ڪرڻ جي عيوض اهم مسئلن تي روشني وجهان ٿو.

تنازع‌للبقا جو ميدان آهي. هاڻ ڪٿو يا هارايو. اهو موقع اٿو.
مون کي نهايت ارمان ٿيندو جيڪڏهين اوهان پنهنجي پنجن
هزارن ورهين جي قومي ورثن جي باوجود، جنهن کي نه ايراني، نه
يوناني، نه عرب، نه مغل ۽ نه انگريز مٽائي سگهيا. سوڙهين پٽلونن ۽
پان ڪائڪن هٿان شڪست کائي وڃو.

# منهنجو جهنڊو بلند رهندو

[سنڌ جي سائين، سنڌ جي عظيم فرزند ۽ ايشيا جي عظيم مفڪر محترم جي. ايم. سيد ٣ آگسٽ تي ١٢ بجي پرڳڙي هائوس ۾ هڪ يادگار اجتماع ۾ هيءَ تاريخي تقرير ڪئي.]

---

حيدرآباد ٣ آگسٽ جيئي سنڌ محاذ جي رهنما محترم جي-ايم-سيد اڄ چيو ته اردو دانن رات منهنجي مڪان جيڪو قاتلانہ حملو ڪيو تنهن ۾ پنجاب جو عظيم فرزند دوست محمد پراچہ شهيد ٿي ويو. پراچہ مرحوم هميشه ڀلا شاه ۽ لطيف جي پيغام جي اتحاد لاءِ زور ڏيندو رهيو هو. پر هن ڏٺو ته شايد منهنجي ناچيز ڪوشش ڪو نتيجو پيدا ڪري نہ سگهي. انهيءَ ڪري هن انهيءَ اتحاد کي پنهنجي رت سان زنده ڪيو آهي.

هاڻي سنڌ ۽ پنجاب جو اتحاد، لطيف ۽ خواجہ فريد جو سنگم ناقابل شڪست آهي، ڇو ان جي جڙن ۾ هڪ شهيد وفا جو مقدس

ٿي وڃي رهيو آهيان ته سڀني کي سنڌ جي دشمنن جي ناپاڪ ارادن کان واقف ڪريان. ٿي سگهي ٿو ته حڪومت منهنجي راهه ۾ رڪاوٽون وجهي، ليڪن انهيءَ ڳالهه کان آءٌ پريشان نه آهيان. جيڪڏهن مون کي ڪجهه ٿي ويو ته سنڌ جي استقلال جي جدوجهد جو جهنڊو منهنجي ڪنهن ٻئي ساٿيءَ جي هٿ ۾ هليو ويندو جيڪو مقصد حاصل ڪرڻ تائين بلند رهندو، انشاءَ الله تعاليٰ.

# جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو اجلاس (۴-۳-۱۹۷۳) منعقده حاجي عبدالله هارون ڪاليج ڪراچي

عزيز دوستو!

ڪراچيءَ جو شهر هن وقت تائين تقريباً ڏاڍيون ڀيو معلوم ٿئي ٿو. ان ۾ اوهان جي هيڏي ميڙ ۾ اتساهه منهنجي دل کي خوش ڪيو آهي.

هن موقعي تي چند ڳالهيون اوهان جي ڌيان تي آڻڻ گهران ٿو اميد ته اوهان ان تي توجهه ڏيندا. سوال ٿئي ٿو ته ملڪ جڏهن نازڪ دور مان گذري رهيو آهي، اوهان شاگردن ۽ دانشورن کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

ان لاءِ جدا جدا ماڻهن طرفان هيٺيان رستا ڏسيا وڃن ٿا:

(۱) ڪن جو چوڻ آهي ته موجوده حڪومت جي سنڌ دشمن پاليسين بابت عوام کي واقف ڪري سنڌ جي حقن جي حفاظت ۽ حصول لاءِ ماڻهن کي تيار ڪرڻ گهرجي.

(۲) ٻين جو چوڻ آهي ته اسان جي ساري پست حاليءَ جو باعث مهاجر پنجابي مستقل مفاد هو انڪري انهن جي استحصال کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(۳) ٽين جو چوڻ آهي، سرمائيدار، زميندار ۽ ڪاموري طبقي ملڪ جو رت چوسي ڇڏيو آهي، انهن جي چنبي کان آزادي حاصل ڪرڻ گهرجي.

(١٨) ٻاهرين حڪومتن جهڙوڪ، آمريڪا، چين، روس، يارت بابت اسان جي پاليسي ۽ روش ڪهڙي هئڻ کهرجي؟

(١٩) پئن اسلامزم چا آهي؟ ان جا فائدا ۽ نقصان؟

(٢٠) سياسي اخلاق چا آهي ۽ اهو ڪهڙيءَ طرح اختيار ڪري سگهبو؟

اوهان مان شاگرد ۽ دانشور ڪن جاين تي گڏ يا هفتي ۾ ٻه دفعا مذڪور بالا سوالن تي بحث مباحثہ ڪري انهن جي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. جي پاڻ ۾ ڪنهن فيصلي تي پهچي نہ سگهن تہ پختہ داغ سياسي مفڪرن کان معلومات حاصل ڪن.

# مسلم هاسٽل حيدرآباد ۾، ٤-مارچ ١٩٧٣ع شام ٽي شاگردن جي جلسي کي خطاب

عزيز دوستو:

گذريل سال جي موقعي تي مون سنڌي مطالبن جو چارٽر توهان جي معرفت حڪومت پاڪستان جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو.

ان کي ٻارنهن مهينا گذري ويا آهن ته، نه سرڪار ان جي پورائي لاءِ ڪوشش ڪئي آهي نه اوهان ئي ان جي حصول لاءِ ڪو ڪار نمايان ڪيو آهي. اسان جڳي جو تتي آهيون. رواجي طرح دنيا ۾ اهو دستور ٿي ويو آهي ته هر مسئلي جي خامي ۽ ڪوتاهي جو ٻار پنهنجي عيوض ٻين تي اڇلايو وڃي ٿو. ممڪن آهي اسان وري به ساڳي غلطي ڪريون،

هن وقت تائين ملڪ ۽ قوم جي ڪوتاهين جو ڪارڻ ٻن ڌرين کي قرار ڏنو ويو آهي:

١. حڪومت وقت،

٢. استحصالي طبقو.

هن دفعي آءٌ اوهان جو توجه انهن ٻنهي تي بوجو وجهڻ جي عيوض پنهنجي ڪوتاهين طرف ڏيارڻ گهران ٿو. قرآن ۾ آهي ته

”ان الله لا يغير ما بقوم حتي يغيروا ما في بانفسکم“

(يعني- خدا سائين ان وقت تائين ڪنهن قوم جي حالت نٿو بدلائي جيستائين ان ۾ پنهنجي حالت بدلائڻ جو مادو پيدا نه ٿيو آهي.)

آءٌ تسليم ڪريان ٿو ته اسان قديم سنڌ جي رهاڪن جي حالت

۽ نظريه پاڪستان ڪي ختم ڪيو هو ليڪن ڀٽي صاحب نظريہ پاڪستان سان وفاداريءَ جو حلف ڪنيو آهي.

(ب) هن صاحب باوجود غيرفرقيوارانہ جماعت جي ليڊر هئڻ جي آئين ڪي اسلامي بنائڻ جو وعدو ڪيو آهي.

(ت) هي صاحب مرڪزي حڪومت کي مضبوط بنائڻ جهڙي مسئلي تي اوهان جو ساٿي آهي.

(ث) هي صاحب پيپلس پارٽيءَ جي اڪثريت بنگلا ديش جي تسليم ڪرڻ جي فائدي ۾ هئڻ جي باوجود اوهان مان جماعت اسلامي ۽ مسلم ليگ وغيره جماعتن جي رضامندي خاطر اڃا بنگلا ديش کي تسليم نٿو ڪري.

(ح) مخالف پارٽيءَ وارؤ، اوهان جيڪڏهن پاڪستان کي موجوده صورت ۾ بچائڻ گهرو ٿا تہ هن جي حڪومت سان تعاون ڪريو. ڇاڪاڻ تہ هي پاڪستان جي بچائڻ جي آخري اميد اٿو.

(ج) هر ذي فهم ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تہ باوجود مذڪوره بالا ڳالهين جي بہ اوهان هن جي مخالفت ڪريو ٿا، سا ڪن مڪي، اصولي ڳالهين تي مبني نہ آهي بلڪ اقتدار جي حصول يسا فروعي ڳالهين سبب آهي. تنهنڪري اوهان کي دوباره پنهنجي روش تي غور ڪرڻ گهرجي تہ پنهنجي مقصدن جي حمايت ڪريو ٿا يا موروثي ان کي نقصان پهچائي رهيا آهيو.

# سنڌي شام جي موقعي تي

## محترم جي- ايم- سيد جي ڪيل تقرير

### ٣١ مارچ ١٩٧٣ع

عزيز دوستو:-

اوهان سان شام ملهائڻ ياقوتي ڪائڻ جي برابر آهي. هيءَ وقت تي ضروري ٿئي ٿو ته ڪجهه پڌجي ۽ ڪجهه ٻڌائجي. مون اوهان کي ٤ مارچ تي آگاهه ڪيو هو، ته سکهوٽي وقت اچڻ وارو آهي جڏهين اوهان تي وڏين جوابدارين جو بار پوي. تنهن لاءِ اوهان کي تيار ٿيڻو آهي، صرف صالح ۽ لائق ماڻهو ان امتحان مان ڪامياب ٿي نڪرن ٿا. جيل ۾ وڃڻ ۽ لٺيون جهلڻ سولو ڪم آهي، پر جوابداري جو بار سنڀالڻ اوکو آهي. ان ڪم جي سرانجامي لاءِ اوهان کي مخلص ڪارڪنن جو گروهه پيدا ڪرڻو پوندو. جي سنڌ جي سياسي، سماجي، اقتصادي، مسئلن کي پوريءَ طرح سمجهي سگهن ۽ سندن ذهن صاف ٿيڻ بعد هم خيال ڪارڪنن جو تعداد وڌائين.

اوهان کي هيٺين مسئلن تي غور فڪر بعد صحيح نتيجن تي پهچڻو آهي: .

## (١) قومي نظريي:-

جي مختلف تصورن جي معلومات حاصل ڪرڻ بعد هڪ نظريي

آهي ته شاگرد برادريءَ جي ذهن صاف ڪرڻ لاءِ سندن تعليم ۽ ترغيب لاءِ وقت صرف ڪريو.

اوهان کي دعوت ڏجي ٿي ته ۱۲ شاگردن جا گروپ هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ملن. ڪن لاءِ موڪل وقت ملڪي مسئلن، سياسي نظرين ۽ اخلاقي ڳالهين جي وچ ۾ تميز حاصل ڪرڻ لاءِ مون وٽ سان ۾ رهي ڪچهري ڪري تربيت حاصل ڪري سگهن ٿا.

# مٺان روهه رتيون ٿئين

## سپيريئر سائنس ڪاليج خيرپورميرس ۾ ٢٠ اپريل ١٩٧٣ع تي محترم جي. ايم. سيد جي ڪيل تقرير

عزيز دوستو!

اسلام عليڪم ـ آءٌ اوهان جو نهايت شڪرگذار آهيان جو هيڏي پنڌ تان مون کي گهرائي مرحبا ڪئي اٿو. مون وٽ ان جي عيوض سواءِ چند جملن جي ٻيو ڪجهه ڪ آهي، جنهن سان اوهان جي شڪرگذاري ڪري سگهان.

عزيزو ـ آءٌ سمجهان ٿو ته اوهان مون سان محبت ان ڪري ڪريو ٿا جو مون کي سنڌ ۽ سنڌين سان محبت آهي.

ان ڳالهه کي مدنظر رکندي اوهان کي عرض ڪندس ته اوهان جيڪڏهن واقعي سنڌ ۽ سنڌين جي خدمت ڪرڻ گهرو ٿا ته، ان لاءِ ٻن ڳالهين جي سڃاڻپ نهايت ضروري اٿو.

(١) سنڌو ديس ڇا آهي؟

(٢) سنڌي قوم جون وصفون ۽ فرائض ڪهڙا آهن.

اوهان ضرور اها توقع رکندا هوندا ته انهن سوالن جي حل ڪرڻ ۾ آءٌ پنهنجي سمجهه آهر توهان جي مدد ڪريان. هاڻ ٻڌو ته ان بابت منهنجو رايو ڪهڙو آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌو ديش (١) فطرت جي پيداوار (٢) قديم ۽ (٣) لازوال ملڪ آهي.

ڪري هڪ غير ملڪي اردوءَ کي زبان بنا مقبوليت جي ملڪ جي قومي زبان بڻائي ويئي آهي.

۴- چوٿين ڏڙڪي سان بنگال مان ۲۶، هزارها بهارين کي آڻائي سنڌ ۾ ضم ڪرائي آبادي جي توازن کي نقصان پهچائڻ جو امڪان آهي.

۵- پنجين ڏڙڪي سان ڪراچي کي جدا صوبو ڪري ڏئي سنڌ جي ٻسي ڪرڻ جو خطرو آهي.

فاعتبروا يا اولي الابصار




# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنیٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پڪ ڄاڻو ته اُهو به ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ به مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نه آهي.

ڪوشش اها هوندي ته پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي به ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو به لاڳاپو نه هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل بوليو)